# مخدوم نوح لح

غـوث اعلٰي، غـوث حـق، غـوث الورا، مخدوم نوح
پير ڪامل، پير اڪمل، أوليا،مخدوم نوح

صاحـب فضل و ڪرم، جود و سخا، مخدوم نوح
صاحب زهد و تقا، صبر و رضا، مخدوم نوح

طالبـان حـق جـو آهيـن، رهنـما، مخـدوم نـوح
عالمان سنڌ جو تون پيشوا، مخدو نوح

فيض بخش و فيض ور، فياض ساري سنڌ ۾
فيض جا درياه تو جاري ڪيا، مخدوم نوح

معـرفـت ۾، ۽ طـريقت ۾، شريعت ۾ عظيـم
در حقيقت ڪني تو حاصل ارتقا، مخدوم نوح

مـاهـر عـلـم ظـواهـر، صـاحـب عـلم بطون
صاحب دل، صاحب صدق و صفا، مخدوم نوح

متقـي و عـارف و صـوفي ولـي پـرهيـزگـار
پاڪباز و پاڪ طينت پارسا، مخدوم نوح

تنهنجو مسلڪ، تنهنجو مشرب، تنهنجو مذهب، تنهنجو دين
دين احمد، دين حق، دين خدا مخدوم نوح

واقف اسـرار، قـرآن، مـاهـر عـلـم حـديث
عـالـم ديـن محـمد مصطفٰي، مخدوم نوح

سنڌ جي عـلـم و ادب تـي اڄ بہ آهـن لڪ ڪـرم
. طالب المولٰي، سنڌءِ دلبند جا، مخدوم نوح

هـن فقيـر جهوڪ "ساجد" جا سدائين ڪر قبول
الصّلواة وَ السّلام، اي با خدا، مخدوم نوح

Gul Hayat Institute